# بيجارِڻُ

## نَبِيَن جي سنت آهي

(16-October-2025)

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)



16 آڪٽوبر 2025ع (بمطابق: 22 ربيع الآخر 1447ھ) تي
پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# ديچارڻُ نَبِيَن جي سنت آهي

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ... ڪامل مومن جي هڪ نشاني......
- ... جيڪو روئندو اهو جنت ۾ داخل ٿيندو......
- ... 70 زاهدَن جو عبرتناڪ انجام......
- ... ✿.. حضرت مالِڪ بن دينار جي توبھ جو واقعو......

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة
Islamic Research Center
(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ؕ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ؕ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

**الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جو فرمانِ عاليشان** آهي: جنهن کي اهو پسند آهي تہ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ پيش ٿيڻ وقت الله پاڪ مون کان راضي هجي تہ ان کي گهرجي تہ مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهي. (1)

اے دین حق کے رہبر تم پر سلام ہر دم | میرے شفیعِ محشر تم پر سلام ہر دم
اس بے کس و حزیں پر جو کچھ گزر رہی ہے | ظاہر ہے سب وہ تم پر، تم پر سلام ہر دم
اپنے گدائے دَر کی لیجے خبر خدارا | کیجے کرم حسنؔ پر تم پر سلام ہر دم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي : اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي. (2)

اي عاشقانِ رسول! سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي، اچو تہ بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا. نيت ڪيو تہ ! ۞ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ با اَدَب ويهندس ۞ خوب توجه

1... فردوس الاخبار، جِلد:2، صفحہ:284، حديث:6083۔
2... بخاری، کتاب بدء الوحی، صفحہ:65، حديث:1۔

سان بيان ڪندس ۞ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## 2 عظيم شين کي نہ وساريو

صحابيءِ رسول حضرت عبدُ الله بن عُمر رَضِيَ اللهُ عَنهما کان روايت آهي، فرمائن ٿا: هڪ دفعي رسولِ اڪرم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خُطبو ڏيندي فرمايو: (اي انسانو...!!) ٻن عظيم شين کي نہ وساريو...!! **(1): جنت (2):** ۽ دوزخ.

اِهو چئي پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم روئڻ لڳا، ايترو رُنا، ايترو رُنا جو سندن ڏاڙهي مبارڪ جا ڪنارا ڳوڙهن سان آلا ٿي ويا. پوءِ فرمايائون: اُن ذات جو قسم! جنهن جي قبضي ۾ مُحَمَّد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي جان آهي، آخرت جي باري ۾ جيڪڏهن توهان کي اها خبر هجي جيڪا مون کي آهي تہ توهان جبلن ڏانهن نڪري وڃو ها ۽ پنهنجي مٿن ۾ مِٽي وِجهو ها.[1]

مجھے سچّی توبہ کی توفیق دیدے | پئے تاجدارِ حرم یاالٰہی!
مجھے نارِ دوزخ سے ڈر لگ رہا ہے | ہو مجھ ناتُواں پر کرم یاالٰہی!

## ڪامل مومن جي هڪ نشاني

پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪا حديث پاڪ اسان ٻڌي، ان مان اسان کي گهڻو ڪجهہ سکڻ لاءِ ملي ٿو. سڀ کان پهريان تہ ان نصيحت تي غور ڪريو تہ محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي فرمايو تہ: لَاتَنْسَوُا الْعَظِيمَتَيْنِ الجنّةَ والنَّارَ ٻن عظيم شين کي ڪڏهن بہ نہ وساريو...!! **(1):** جنت **(2):** دوزخ.

معلوم ٿيو تہ هڪ مسلمان جو اهو شان هوندو آهي تہ هو جنت ۽ دوزخ کي هميشہ پنهنجين اکين جي آڏو رکندو آهي ۞ جڏهن هو گهر ۾ هوندو آهي،

1... موسوعہ ابن ابی دنیا، صفة النار، جلد:6، صفحہ:399، حدیث:2۔

تڏهن بہ جنت ۽ دوزخ سندس تصور ۾ هوندا آهن ۞ هو آفيس ۾ هوندو آهي ان وقت بہ جنت ۽ جهنم سندس تصور ۾ هوندا آهن ۞ هو بازار ۾ هوندو آهي، تڏهن بہ جنت ۽ جهنم کي خيال ۾ رکندو آهي ۞ سفر ۾ هوندو آهي، تڏهن بہ جنت ۽ جهنم کي ياد رکندو آهي ۞ مطلب تہ ڪامل ايمان وارو اهو آهي جيڪو جنت ۽ دوزخ کي هميشہ پنهنجين نظرن جي سامهون رکندو آهي، انهن ٻنهي کي ڪڏهن بہ نہ وساريندو آهي.

## جنهن جي دل ايمان جي نور سان چمڪي پئي

حضرت حارثہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ صحابيءِ رسول آهن، هڪ دفعو بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا، محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪانئن پڇيو:

كَيْفَ اَصْبَحْتَ يَا حَارِثَہ؟ اي حارثہ! تنهنجو صبح ڪهڙي حال ۾ ٿيو؟ عرض ڪيائون:

اَصْبَحْتُ مُؤْمِناً حَقًّا يعني يارسولَ اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! مان صبح ان حال ۾ ڪيو جو مان اللّٰه پاڪ تي سچو ايمان رکڻ وارو هيس. فرمايائون: ان جو ڪهڙو دليل آهي تہ تون سچي ايمان وارو آهين؟

هاڻي حضرت حارثہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ پنهنجي دِل جي ڪيفيتن بابت عرض ڪيو، ان ۾ هي بہ عرض ڪيائون: يارسولَ اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! منهنجي حالت اهڙي آهي جڻ مان جنت کي پنهنجين اکين سان ڏسي رهيو آهيان، جنت وارا هڪ ٻئي سان ملاقات ڪري رهيا آهن، بلڪل اهڙي طرح مان دوزخ کي بہ اکين سان ڏسي رهيو آهيان تہ دوزخ وارا دانهُون ۽ ڪُوڪُون ڪري رهيا آهن.

پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اِها ڳالهہ ٻڌي تہ فرمايائون:

اَلْزِمْ اي حارثہ! (تمام مبارڪ ڪيفيت آهي) ان تي ثابت قدم رهہ. پوءِ فرمايائون:

مُؤْمِنٌ نَوَّرَ اللّٰهُ قَلْبَہٗ يعني حارثہ اهڙو ٻانهو آهي جنهن جي دل کي اللّٰه پاڪ ايمان جي نُورَ سان چمڪائي ڇڏيو آهي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ مسلمان جو اهو شان هوندو آهي تہ هو

---

1... مسند بزار، جلد:13، صفحہ:333، حديث:6948.

جنت ۽ جهنم کي هميشه پنهنجين نگاهن ۾ رکندو آهي ۽ جيڪو شخص هي عظيم ڪم ڪري وٺندو آهي، اُهو جتي به هجي، پنهنجون نگاهون، جنت کان به نه هٽائيندو آهي ۽ دوزخ کان به نه هٽائيندو آهي، الله پاڪ اهڙي خوش نصيب جي دل کي نورِ ايمان سان چمڪائي ڇڏيندو آهي.

## هي ته غافل ٿي ويا آهن ...!!

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي گهرجي ته پنهنجي زندگيءَ ۾ هن ڳالهه کي نافذ ڪريون ۞ هلندي ۞ ڦِرندي ۞ اٿندي ويهندي ۞ گهر ۾ ۞ دڪان تي ۞ ڪم ڪار ۾ ۞ آرام جي وقت ۞ جتي به هجون ۞ جهڙي به حال ۾ هجون ۞ جهڙي به ڪيفيت ۾ هجون، جنت ۽ جهنم جو تصور پنهنجي دل ۾ جمائي رکون. **روايت آهي ته:** ماڻهو گڏجي ويهن، پوءِ پنهنجي مجلس ۾ جنت ۽ دوزخ جو ذڪر نه ڪن ته فرشتا چوندا آهن: هي اهي ماڻهو آهن جيڪي ٻن عظيم شين (يعني جنّت ۽ دوزخ) کان غافل ٿي ويا آهن.[1]

آگاه اپنی موت سے کوئی بشر نہیں | سامان سو برس کا ہے، پَل کی خبر نہیں
کُوچ ہاں! اے بے خبر ہونے کو ہے | کب تلک غفلت..! سحر ہونے کو ہے

## جهنم جي گرمي ڪيئن برداشت ڪري سگهنداسين

۞ الله پاڪ جا نبي حضرت داؤد عَلَيۡهِ السَّلَام تمام گهڻا خوفِ خدا وارا هئا، هڪ ڏينهن پاڻ تَنُور جي پرسان گذريا ڏٺائون ته ان ۾ باهه ٻري رهي هئي، اهو ڏسي ڪين جهنم جي باهه ياد اچي وئي، سندن دل گهٻرائجي وئي، بيچيني (*Restlessness*)۾ زمين تي ڪري پيا ۽ ايترو تڙپيا جو گمان ٿي رهيو هو ته سندن جسم جو سَنڌُ سَنڌُ جدا (*Dislocate*) نه ٿي وڃي ۞ گرميءَ جي ڏينهن ۾ حضرت داؤد عَلَيۡهِ السَّلَام جڏهن اُسَ ۾ ايندا هئا ته چوندا هئا: **اي الله پاڪ! اسان تنهنجي ٿاهيل سج جي گرمي برداشت نه ٿا ڪري سگهون ته پوءِ جهنم جي گرمي ڪيئن برداشت (*Tolerate*) ڪري سگهنداسين؟**[2]

---

1... موسوعه ابن ابی دنيا، صفة النار، جلد:6، صفحہ:399، حديث:3۔
2... تنبيه المغترين، صفحہ: 57 ۔

اللهُ اکبر! پيارا اسلامي ڀائرو! غور ڪريو! هي الله پاڪ جا نبي آهن، معصوم آهن، گناهن کان يقيناً پاڪ آهن، پڪا جنتي آهن، نه ڄاڻ ڪيترن جي جنت ۾ وڃڻ جو سبب هوندا. ان جي باوجود به جهنم کي ڪيئن نه هميشه پنهنجي نگاهن ۾ رکندا هئا. ڪاش! اسان به هميشه جهنم کي پنهنجين نظرن ۾ رکڻ وارا بڻجي وڃون. آمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## پيارا آقا جهنم کان ڏيڇاريندا هئا

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان حديث پاڪ ٻڌي، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خُطبو ڏنو ۽ خطبي ۾ فرمايائون: اي انسانو...!! جنت کي به ياد رکو ۽ دوزخ کي به ياد رکو...!!

هن مان معلوم ٿئي ٿو ته اسان جا آقا و موليٰ، رسولِ خدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪي بيانَ فرمائيندا هئا، انهن بيانن ۾ **خوفِ خدا** جو موضوع به شامل هوندو هو.

اڄ جيڪڏهن ڪو مذهبي شخص يا مبلغ خوفِ خدا واريون ڳالهيون ٻڌائيندا آهن، جهنم جو ذڪر ڪندا آهن، خوفِ خدا سبب روئيندا به آهن ۽ روئاريندا به آهن ته ڪجهه نادان چوندا آهن ته مولَوي ته رڳو ڏيڇاريندا ئي رهندا آهن.

جي ها! اسان ڏيڇاريندا رهندا آهيون. ڇو ڏيڇاريندا آهيون؟ ڇاڪاڻ ته جهنم جو تذڪرو ڪرڻ، قيامت جي هولناڪ منظرن جي باري ۾ ماڻهن کي ٻڌائڻ، قبر جي وحشت بابت خبر ڏيڻ اسان جي آقا و موليٰ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي **مبارڪ سنت** آهي.

## اي محبوب! ماڻهن کي ڏيڇاريو...!!

الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي فرمايو:

قُمْ فَاَنْذِرْ ۪ۙ﴿۲﴾ (پارو: 29، سورة مدثر، آيت: 2) | **ترجموڪنزالعرفان**: اُٿي ٻيهه ۽ پوءِ ڏيڇار

بخاري شريف جي حديث پاڪ جي مطابق هي آيتِ ڪريمه اظهارِ نبوت کان بعد بلڪل ابتدائي دور ۾ نازل ٿي.[1]

1 بخاری، کتاب بدء الوحی، صفحہ:66، حديث:4۔

معلوم ٿيو تہ تبليغِ دين جي معاملي ۾ پهريون حڪم ئي اهو آهي: اُٿو...!! ڏيڇاريو...!! تنهنڪري ماڻهن کي ڏيڇارڻ، خوفِ خدا جي باري ۾ ٻڌائڻ ضروري آهي. **هي تبليغ دين جو هڪ بنيادي جزو (يعني حصو) آهي.**

## قرآن آيو ئي ڏيڇارڻ جي لاءِ آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! قرآن ڪريم جيڪو هدايت جو ڪتاب آهي، جنهن کي پڙهي لکين نہ پر ڪروڙين ماڻهن جون زندگيون سنورجي چڪيون آهن، جنهن جا حق پورا ڪرڻ وارا، جنهن جي تعليمات تي عمل ڪرڻ وارا ولايت جي بلند ترين درجن تائين پهچي ويندا آهن، اهو قرآن ڪريم بنيادي طور آيو ئي اِن لاءِ آهي تہ ان جي ذريعي ماڻهن کي ڏيڇاريو وڃي. جي ها! اللہ پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمايو آهي:

| | |
|---|---|
| وَ كَذٰلِكَ اَوْحَیْنَاۤ اِلَیْكَ قُرْاٰنًا عَرَبِیًّا لِّتُنْذِرَ اُمَّ الْقُرٰى وَ مَنْ حَوْلَهَا<br>(پارو: 25، سورة شوريٰ: 7) | ترجمو ڪنز العرفان: ۽ اهڙي طرح اسان تنهنجي طرف عربي قرآن جي وحي موڪلي تہ جيئن تون مرڪزي شهر (مڪي) ۽ ان جي آس پاس رهڻ وارن کي ڏيڇارين. |

پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ قرآن ڪريم نازل ئي اِن لاءِ ڪيو ويو آهي تہ جيئن ان جي ذريعي دِلين ۾ خوف پيدا ڪيو وڃي.

## ڏيڇارڻ وارا خيرخواه آهن

هاڻي اسان هن آيتِ ڪريمہ کي سامهون رکي ٿورو غور ڪريون تہ ۞ **قرآن ڪريم هدايت جو ڪتاب آهي** ۽ نازل ڇو ٿيو؟ **دلين ۾ خوفِ خدا وڌائڻ جي لاءِ.** معلوم ٿيو تہ خوفِ خدا هدايت ملڻ جو ذريعو آهي ۞ **قرآن ڪريم جي ذريعي قومن کي عروج، ترقي ۽ بلندي ملندي آهي** ۽ قرآن ڪريم نازل ڇو ٿيو؟ دلين ۾ خوفِ خدا وڌائڻ جي لاءِ. معلوم ٿيو تہ خوفِ خدا جي برڪت سان عروج، ترقي ۽ بلندي ملندي آهي ۞ **قرآن ڪريم اللہ جو قرب ڏيارڻ وارو ڪتاب آهي** ۽ نازل ڇو ٿيو؟ دلين ۾ خوفِ خدا وڌائڻ جي لاءِ. معلوم ٿيو تہ خوفِ خدا جي برڪت سان اللہ پاڪ جو قرب حاصل ٿيندو آهي ۞ اهڙي طرح غور ڪندا

وجو! ۞ قرآن ڪريم ۾ اڳين ۽ پوين جو علم آهي ۞ قرآن ڪريم نور آهي ۞ قرآن ڪريم الله پاڪ جي مضبوط رسي آهي ۞ قرآن ڪريم ڇوٽڪاري جو ذريعو آهي ۞ قرآن ڪريم شفاعت فرمائڻ وارو آهي ۽ نازل ڇو ٿيو؟ دلين ۾ خوفِ خدا وڌائڻ جي لاءِ. تنهنڪري جيڪڏهن اسان پنهنجي دل ۾ الله پاڪ جو، قيامت جي ڏينهن سندس بارگاهه ۾ حاضري جو خوف وڌائي ڇڏيون ته ان جي برڪت سان اسان کي عروج به ملندو، ترقي به ملندي، دنيا ۽ آخرت ۾ نجات به نصيب ٿيندي، حڪمت به نصيب ٿيندي ۽ الله پاڪ چاهيو ته روزِ قيامت اسان شفاعت جا حقدار به بڻجي وينداسين.

هن مان خبر پئي ته جيڪي ماڻهو اسان کي ڊيڄاريندا رهندا آهن، ڪڏهن قيامت جو تذڪرو شروع ڪري ڏيندا آهن، ڪڏهن جهنم جون ڳالهيون ڪرڻ لڳندا آهن، ڪڏهن قبر جون هولناڪيون ٻڌائيندا آهن، ڪڏهن موت جون سختيون ٻڌائي رهيا هوندا آهن، اهي ماڻهو اصل ۾ اسان کي ترقي، ڪاميابي، بلندي ۽ قربِ الٰهي جو حقدار بڻائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هوندا آهن.

محبّت میں اپنی گُما یاالٰہی! | نہ پاؤں میں اپنا پتا یاالٰہی!
مِرے اَشک بہتے رہیں کاش ہر دم | ترے خوف سے یاخدا یاالٰہی!
ترے خوف سے تیرے ڈر سے ہمیشہ | میں تھرتھر رہوں کانپتا یاالٰہی![1]

## اسان جا آقا نَذِير آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! قرآنِ ڪريم ڇو آيو؟ ته جيئن ماڻهن کي ڊيڄاريو وڃي. هاڻي ٻڌو! اسان جا آقا و موليٰ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڇو تشريف کڻي آيا؟ الله پاڪ فرمايو:

لِيَكُوْنَ لِلْعٰلَمِيْنَ نَذِيْرَا ۙ﴿۱﴾
(پارو: 18، سورة فرقان: 1)

ترجمو ڪنز العرفان: ته جيئن هو سڄي جهان وارن کي ڊيڄاريندڙ هجي.

معلوم ٿيو ته اسان جا محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **نذير** بڻجي تشريف کڻي آيا، سندن هڪ نالو ئي **نَذِير** آهي. جنهن جي معنيٰ آهي: **ڊيڄارڻ وارو**. خبر پئي ته محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **ڊيڄارڻ وارا** نبي آهن.

1...وسائلِ بخشش، صفحہ:105 ملتقطاً۔

# اي انسانو! جهنم کان بچو...!!

حضرت عدي بن حاتم رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آهي، پاڻ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم دوزخ جو ذڪر فرمائي رهيا هئا. بيان ڪندي ڪندي پاڻ سڳورن ان کان پناهه گهري.
ان دوران پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجو نوراني چهرو هڪ طرف ڦيري ڇڏيو. پوءِ (اسان ڏانهن رخ ڪري) وري دوزخ کان پناهه گهريائون! وري پنهنجو چهرو مبارڪ ڦيري ڇڏيائون، ٿيون ڀيرو وري دوزخ کان پناهه گهريائون ۽ چهرو مبارڪ ڦيري ڇڏيائون.
صحابي رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ فرمائن ٿا: پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم (جو بار بار پنهنجو پاڪ چهرو ڦيرائڻ ۽ چهري مبارڪ جا تاثرات ٻڌائي رهيا هئا ته) ڄڻ ته پاڻ سڳورا دوزخ کي ڏسي رهيا هئا (ان ڪري ئي ناپسنديدگيءَ سان پنهنجو مبارڪ چهرو ڦيرائي رهيا هئا).

پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: "اِتَّقُوا النَّارَ "يعني اي انسانو! دوزخ (جي باهه) کان بچو!...

تو ڈر اپنا عنایت کر، رہیں اِس ڈر سے آنکھیں تر
مٹا خوفِ جہاں دل سے، مٹا دنیا کا غم مولیٰ[1]

# جيڪو روئيندو اهو جنت ۾ داخل ٿيندو

حضرت جرير بن عبدُالله رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کان روايت آهي، نبين جي سردار، مديني جي تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اسان کي فرمايو: مان توهان جي سامهون سورةُ التَّكَاثُر جي تلاوت ڪري رهيو آهيان، توهان مان جيڪو روئيندو، اهو جنت ۾ داخل ٿيندو. پوءِ سرڪارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اها سورت پڙهي. اسان مان ڪي ته رنا ۽ ڪي نه روئي سگهيا. جيڪي نه روئي سگهيا هئا، انهن عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! اسان روئڻ جي ڪوشش ته ڪئي پر روئي نه سگهياسين. سرڪارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: مان ان کي ٻيهر پڙهي رهيو آهيان،

1...وسائلِ بخشش، صفحہ:98۔

جيڪو روئيندو، ان جي لاءِ جنت آهي ۽ جيڪو نہ روئي سگهي اُهو روئڻ جهڙي شڪل ٺاهي.[1]

اللّٰهُ اکبر! پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسو! هيءَ اداءِ مصطفيٰ آهي. پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن بيان فرمائيندا هئا تہ پاڻ بہ روئيندا هئا ۽ ٻين کي بہ روئاريندا هئا. تنهنڪري اڄ جيڪي مبلغين روئندا آهن ۽ روئاريندا آهن، خوفِ خدا واريون ڳالهيون ڪندا آهن، اهي اداءِ مصطفيٰ کي ادا ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندا آهن.

اَلْحَمْدُلِلّٰه! الله جي خوف جي حوالي سان ”مڪتبة المدينہ“ هڪ تمام پيارو ڪتاب ”خوفِ خُدا“ جي نالي سان شايع ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ الله جي خوف بابت قرآني آيتون ۽ حديثون بيان ڪيون ويون آهن، ان سان گڏوگڏ، اڳين بزرگن جي الله جي خوف سان ڀرپور واقعن جو بہ ذڪر ڪيو ويو آهي.
هن ڪتاب کي مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان قيمت تي طلب فرمائڻ يا دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ www.dawateislami.net تان مفت ڊائون لوڊ ڪري وٺو. پاڻ بہ پڙهو، ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏيو.

## صحابي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جهنم کان ڊيڄاريو

حضرت بَڪَر مُزَني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: صحابيءِ رسول حضرت ابوموسيٰ اشعري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ بصره ۾ هئا، پاڻ خُطبو ڏنائون، خطبي جي دوران جهنم جو تذڪرو شروع ڪري ڏنائون ۽ جهنم جو ذڪر ايتري تہ رقت سان ڪيائون جو سندن مبارڪ ڳوڙها منبر تي ڪرڻ لڳا. راوي چوي ٿو: ان ڏينهن صحابيءِ رسول جي اجتماع ۾ ماڻهو شدت سان روئي رهيا هئا.

تِرے خوف سے، تیرے ڈر سے ہمیشہ | میں تھر تھر رہوں کانپتا یااِلٰہی! (2)

## ڊيڄارڻ وارا ٽہ سٽا آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! ڊيڄارڻ ٻن قسمن جو هوندو آهي: **(1):** هڪ اهو تہ خطرو موجود نہ آهي، پر ڪو شخص پوءِ بہ ڊيڄاريندو رهندو آهي، مثال طور

1... شعب الايمان، تعظيم القرآن، فصل البکاء...الخ، جلد:2، صفحہ:363، حديث:2053۔
2... وسائلِ بخشش، صفحہ:105 ملتقطاً۔

اسان ڪنهن رستي تي وڃي رهيا آهيون، رستو بلڪل صاف آهي ۽ ڪوئي هرويرو ڇئي رهيو آهي تہ اڳتي نہ وڃ، اڳتي ڏاڙيل آهن، سنپالي هل، اڳيان کُوهہ آهي. اهو ڊيڄارڻ يقيناً بُرو آهي. جيڪو اهڙي نموني ڊيڄاريندو آهي، اهو سٺو نہ ڪندو آهي **(2):** ٻيو ڊيڄارڻ اهو آهي تہ سامهون خطرو موجود آهي، هاڻي جيڪڏهن ڪو ڊيڄاري تہ اهڙو ڊيڄارڻ وارو اسان جو خيرخواهہ هوندو آهي. توهان ڏسو! ڊاڪٽر بہ تہ ڊيڄاريندا آهن نہ؟ تہ...!! فلاڻيون فلاڻيون شيون نہ کائو، نہ تہ ڪينسر ٿي ويندي. فلاڻي شيءِ نہ کائو، نہ تہ هارٽ اٽيڪ جو خطرو وڌي ويندو. اهڙو جيڪو ڊاڪٽر هجي، جيڪو اسان جي حالت ڏسي اڳوات ئي اسان کي اطلاع ڏئي ڇڏيندو آهي، اهڙي ڊاڪٽر کي اسان خراب سمجهندا آهيون يا سٺو سمجهندا آهيون؟ يقيناً سٺو ئي سمجهندا آهيون ڇو تہ هن اڳ ۾ ئي اسان کي خطري کان آگاهہ ڪري ڇڏيو آهي.

اهڙي طرح ۞ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام ماڻهن کي ڊيڄاريو ۞ رسولِ خدا، احمدِ مجتبيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ماڻهن کي ڊيڄاريو ۞ صحابہءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ڊيڄاريو ۞ اولياءِ ڪرام ڊيڄاريو ۞ علماءِ ڪرام ڊيڄاريو. اِهو ڊيڄارڻ اجايو نہ آهي، قبر جي ڪَڏَ اسان جي سامهون موجود آهي ۞ قيامت اچڻ واري آهي ۞ قيامت جو منظر تمام هولناڪ آهي ۞ جهنم سخت خطرناڪ آهي ۽ واقعي آهي. لهٰذا جيڪي اسان کي قبر ۾ لهڻ کان پهريان قبر جون اندروني حالتون ٻڌائي رهيا آهن ۞ قيامت اچڻ کان پهريان قيامت جا احوال ٻڌائي رهيا آهن، اهي تہ اسان جي لاءِ سٺو ڪري رهيا آهن جو قبر ۾ لهڻ کان پهريان ئي اسان کي سيني خطرن کان آگاهہ ڪري رهيا آهن.

ان ڪري جيڪو اسان کي ڊيڄاري، ڪڏهن خوفِ خدا بيان ڪري رهيو هجي ۞ ڪڏهن جهنم جو ذڪر ڪري رهيو هجي ۞ ڪڏهن قيامت جا هولناڪ منظر بيان ڪري رهيو هجي، اهڙي خوشنصيب ۽ حڪمتِ عملي واري مبلغ جو شڪريو ادا ڪرڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ هن پهريان ئي اسان کي آگاهہ ڪري ڇڏيو آهي.

# ڏيڍارڻ نبين جي سنت آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن ڪو اسان کي خوفِ خدا واريون ڳالهيون ٻڌائي تہ ان تي اعتراض ڪرڻ جي بدران، اهو چوڻ جي بدران تہ! مولَوي تہ رڳو ڏيڍاريندا ئي رهندا آهن، اسان کي گهرجي تہ اسان انهن جي ڳالهہ ٻڌون، ان کي دل ۾ سانديون ۽ پنهنجي دل ۾ خوفِ خدا وڌائڻ وارا بڻجي وڃون.

توهان قرآن ڪريم پڙهو! جيترا بہ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام تشريف ڪٽي آيا، سيئي ڏيڍارڻ جي لاءِ ئي تشريف ڪٽي آيا هئا، پر جڏهن انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام ماڻهن کي ڏيڍاريو تہ ماڻهون ٻن قسمن ۾ ورهائجي ويا. مان قرآن ڪريم جي روشني ۾ انهن ٻنهي قسمن جو انجام مختصر طور تي ٻڌايان ٿو، جنهن کان پوءِ اهو فيصلو ڪرڻو آهي تہ ڊِڄَ بابت ٻڌڻ کان پوءِ اسان کي اعتراض ڪرڻ وارن مان ٿيڻو آهي يا ڊڄڻ وارن مان ٿيڻو آهي؟

ٻڌو! ۞ الله پاڪ جا نبي حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام تشريف ڪٽي آيا، فرمايائون:

اِنِّیْ لَكُمْ رَسُوْلٌ اَمِیْنٌۙ(۱۰۷) فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ اَطِیْعُوْنِۚ(۱۰۸) (پارو: 19، سورة شعراء: 107-108)

ترجمو ڪنز العرفان: بيشڪ مان توهان جي لاءِ هڪ امانتدار رسول آهيان. سو الله کان ڊڄو ۽ منهنجي اطاعت ڪيو.

ماڻهن جا بہ قسم ٿي ويا: صرف **80** ماڻهو الله پاڪ کان ڊنا، ٻين سيني اعتراض ڪرڻ شروع ڪري ڏنا. پوءِ ٻوڏ آئي، الله پاڪ هن عالمگير ٻوڏ ۾ **80** ماڻهن کي بچائي ورتو، ٻين سيني کي غرق ڪري ڇڏيو.

۞ قومِ عاد ڏانهن حضرت هود عَلَيْهِ السَّلَام تشريف ڪٽي آيا، فرمايائون:

اِنِّیْ لَكُمْ رَسُوْلٌ اَمِیْنٌۙ(۱۰۷) فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ اَطِیْعُوْنِۚ(۱۰۸) (پارو: 19، سورة شعراء: 107-108)

ترجمو ڪنز العرفان: بيشڪ مان توهان جي لاءِ هڪ امانتدار رسول آهيان. سو الله کان ڊڄو ۽ منهنجي اطاعت ڪيو.

قوم ٻن حصن ۾ ورهائجي وئي، ڪجهہ ماڻهن الله پاڪ کان ڊڄي، ايمان قبول ڪيو، باقي نہ ڊنا، ويتر اعتراض ڪرڻ لڳا، الله پاڪ سخت زوردار

طوفان جو عذاب موڪليو، جيڪي ڊڄڻ وارا هئا، اهي محفوظ رهيا، جيڪي اعتراض ڪرڻ وارا هئا، سيئي هلاڪ ۽ برباد ٿي ويا. ۞ حضرت لوط عَلَيْهِ السَّلَام تشريف ڪٺي آيا، فرمايائون:

فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ اَطِيۡعُوۡنِ ﴿۱۶۳﴾ (پارو: 19، سورة شعراء: 163)

ترجمو ڪنز العرفان: سو الله کان ڊڄو ۽ منهنجي اطاعت ڪيو.

جن سندن ڳالهه ٻڌي، جيڪي ڊڄي ويا، اهي بچي ويا، جيڪي نه ڊنا، رَهندو اعتراض ڪري رهيا هئا، الله پاڪ حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام کي حڪم ڏنو تہ اهي سجو ڳوٺ پنهنجي پرن تي کڻي آسمان ڏانهن ويا ۽ اونڌو ڪري زمين تي ڦِٽو ڪيائون، مٿان وَري انهن تي پٿرن جو مينهن وسايو ويو.

۞ الله پاڪ **اَيڪ** وارن ڏانهن حضرت شعيب عَلَيْهِ السَّلَام کي موڪليو، پاڻ فرمايائون:

فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ اَطِيۡعُوۡنِ ﴿۱۶۳﴾ (پارو: 19، سورة شعراء: 163)

ترجمو ڪنز العرفان: سو الله کان ڊڄو ۽ منهنجي اطاعت ڪيو.

جيڪي ڊڄڻ وارا هئا، ڊڄي ويا، ٻيا اعتراض ڪرڻ لڳا، جيڪي اعتراض ڪرڻ وارا هئا، انهن تي عذاب آيو ۽ هلاڪ ٿي ويا، جيڪي ڊڄڻ وارا هئا، مڃڻ وارا هئا، اهي دنيا ۾ بہ عذاب کان بچي ويا ۽ آخرت ۾ بہ بچي ويندا.

پيارا اسلامي ڀائرو! هي ٻن قسمن جا ماڻهو آهن، هڪڙا اهي آهن جيڪي خوف جي ڳالهه ٻڌندا آهن، قبر جي ڳالهه ڪئي وڃي، آخرت جي ڳالهه ڪئي وڃي، قيامت جي ڳالهه ڪئي وڃي، جهنم جو ذڪر ڪيو وڃي تہ اهي ڊڄي ويندا آهن، دل ۾ خوف ويهاريندا بہ آهن، اهڙا خوش نصيب دنيا ۾ بہ ڪامياب آهن، آخرت ۾ بہ ڪامياب آهن ۽ جيڪي ڊڄندا نہ آهن، ويتر اعتراض ڪندا رهندا آهن، اهي سخت خطري ۾ آهن. الله پاڪ اسان کي ڊڄڻ وارو بڻائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## هڪ انساني فطرت جو بيان

پيارا اسلامي ڀائرو! هڪ ڳالهه عرض ڪريان تہ اسان انسان آهيون، اسان

جي فطرت ۾ ٻه شيون موجود آهن: **(1): اميد (2): خوف**. حڪمت جي ڳالهه اها آهي ته اڪثر ڪري ماڻهو خوف جي سبب ته ڳالهه مڃي ويندا آهن، پر اميد جي ذريعي نه مڃيندا آهن. مثال طور، ڊاڪٽر اسان کي ڪيترين ئي شين جا فائدا ٻڌائيندا آهن ۞ صُوفَ کائيندا ڪريو! هِي فائدو ٿيندو ۞ ڏاڙُهون کائيندا ڪريو! هُو فائدو ٿيندو. ڇا اسان انهن جي ڳالهه مڃيندا آهيون؟ نه مڃيندا آهيون. تمام ٿورا ماڻهو سندن ڳالهه مڃيندا آهن. پر جڏهن ڊاڪٽر ڊيڄاريندا آهن ته ۞ فلاڻي شيءِ نه کائجو، نه ته بيماري وڌي ويندي. ته پوءِ ماڻهو ان شيءِ کان پرهيز ڪرڻ لڳندا آهن.

معلوم ٿيو ته اسان جي فطرت ۾ اها ڳالهه شامل آهي ته اسان خوف جي سبب جلدي مڃي ويندا آهيون.

## حضرت مالِڪ بن دينار رَحمةُ اللهِ عليه جي توبهه جو واقعو

حضرت مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْہ تمام وڏا وليءِ ڪامل ٿي گذريا آهن، توبهه ڪرڻ کان اڳ ۾ پاڻ نشي جا عادي هئا، پاڻ هڪ پيري خوفِ قيامت تي ٻَڌل هڪ خواب ڏٺائون، جيڪو سندن توبهه جو سبب بڻيو، پاڻ توبهه ڪيائون ۽ ولايت جي بلند ترين مقام تي پهچي ويا. اهو خواب ڪهڙو هو؟ **ڪتابن ۾ لکيل آهي ته:** انهن جي هڪ نياڻي هئي، جنهن سان پاڻ تمام گهڻي محبت ڪندا هئا. سندن ان نياڻي جو انتقال ٿي ويو. نياڻي جي انتقال کان پوءِ هڪ ڏينهن انهن خواب ڏٺو، ڇا ٿا ڏسن ته قيامت جو هوش خطا ڪرڻ وارو منظر آهي، پاڻ پنهنجي قبر مان نڪتا، ساڻن گڏ هڪ وڏو نانگ به انهن جي قبر مان نڪتو ۽ سندن پيڇو ڪرڻ لڳو، پاڻ ان کان ڊڄي ڀڄڻ شروع ڪيائون، اهو نانگ به سندن پٺيان تيزيءَ سان هلڻ لڳو، پاڻ ڀڄندا ڀڄندا هڪ ڪمزور پوڙهي شخص وٽان لنگهيا، پاڻ ان کي چيائون ته مون کي هن نانگ کان بچاءِ! پر ان پوڙهي شخص جواب ڏنو: مان ڪمزور آهيان، مان توکي ان کان نه ٿو بچائي سگهان. حضرت مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْہ ڀڄندا ڀڄندا هڪ جبل تي چڙهي ويا، جتي شاميانا ۽ خيما لڳل هئا، اوچتو هڪ آواز آيو: هن نااميد کي دشمن جي هٿن ۾ وڃڻ کان اڳ ئي گهيري وٺو! ته ڪيترن ئي ٻارن کين گهيري

ڇڏيو، جن ۾ سندن اها نياڻي بہ شامل هئي، اها سندن ويجهو آئي، هُن نانگ کي ماريو تہ اهو ڀڄي ويو ۽ پوءِ هُوءَ سندن جهولِيءَ ۾ ويهي رهي، هن کين ٻڌايو تہ بابا سائين! اهو نانگ اصل ۾ توهان جا بُرا اعمال هئا ۽ اهو پوڙهو شخص جنهن جي پرسان توهان گذريا هئا اهو توهان جو سٺو عمل هو، توهان بُرن عملن جي ذريعي ان کي ايترو تہ ڪمزور ڪري ڇڏيو هو جو ان ۾ توهان جي بُرن عملن سان مقابلو ڪرڻ جي طاقت ئي نہ رهي هئي، تنهنڪري توهان اللّٰہ پاڪ جي بارگاھ ۾ توبهہ ڪريو ۽ پاڻ کي هلاڪت کان بچائڻ جي ڪوشش ڪريو.

هي خواب ڏسڻ کان پوءِ حضرت مالڪ بن دينار رَحۡمَةُاللّٰہِ عَلَيۡه جڏهن ننڊ مان سجاڳ ٿيا تہ سچي توبهہ ڪيائون ۽ نيڪ عمل ڪرڻ شروع ڪري ڏنائون، ايسيتائين جو اللّٰہ پاڪ کين ولايت جي بلند ترين مقام تي پهچائي ڇڏيو. (1)

اَللّٰهُ اَكۡبَر! اي عاشقانِ رسول! توهان ڏٺو تہ هڪ گهڙيءَ جو قيامت جو خوف جيڪو هڪ خواب ڏسڻ جي ذريعي دل ۾ پيدا ٿيو، ان خوفِ قيامت حضرت مالڪ بن دينار رَحۡمَةُاللّٰہِ عَلَيۡه جي زندگي بدلائي ڇڏي.

## نہ ڊڄڻ گناھ آهي

تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ اسان ڊڄندا رهون. ياد رکو! اللّٰہ پاڪ جي خفيہ تدبير کان بي خوفي (يعني پنهنجي موجوده حالت تي مطمئن ٿي وڃڻ) تمام نقصان ڪار آهي. صحابيءِ رسول حضرت عمار بن ياسر رَضِيَ اللّٰہُ عَنۡهُ فرمائن ٿا: ۞ اللّٰہ پاڪ جي رحمت مان نااميد ٿي وڃڻ ۞ اللّٰہ پاڪ جي مدد کان نااميد ٿي وڃڻ ۞ ۽ **پنهنجو پاڻ کي اللّٰہ پاڪ جي خفيہ تدبير کان محفوظ سمجهڻ وڏن گناهن مان تمام وڏا گناھ آهن.** (2)

## 70 زاهِدَن جو عبرتناڪ انجام

حضرت وهب بن منبہ رَحۡمَةُاللّٰہِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: بني اسرائيل ۾ **70** زاهد (يعني دنيا کان بي رغبتي رکڻ وارا نيڪ ماڻهو) هئا، ان زماني ۾ انهن جهڙو نيڪ

1...الروض الرياحين،صفحہ:157 -158خلاصۃً۔
2... مکارم الاخلاق للطبرانی، صفحہ:217، رقم:125۔

ٻيو ڪو بہ نہ هو، الله پاڪ ان زماني جي نبي عَلَيْهِ السَّلَام ڏانهن وحي فرمائي تہ اِهي 70 زاهد دنيا مان ڪافر ٿي نڪرندا. ان نبي عَلَيْهِ السَّلَام حيرانيءَ وچان پڇيو: يا الله پاڪ! ان جو ڪهڙو سبب آهي؟ (هي تہ تمام نيڪ ماڻهو آهن، دنيا کان بي رغبتي رکڻ وارا آهن، نيڪين مٿان نيڪيون ڪرڻ وارا آهن، پوءِ انهن جو انجام اهڙو ڇو ٿيندو؟) الله پاڪ فرمايو: **ان ڪري تہ اُهي پنهنجي انجام کان بي فڪر ٿي ويا آهن.** (1)

اللهُ اَڪبر! معلوم ٿيو تہ ڊڄڻ تمام ضروري آهي، دل مان جيڪڏهن خوفِ خدا نڪري وڃي تہ انسان توڙي جو نيڪَن جو سردار هجي تڏهن بہ سِڌي رستي کان هٽي سگهي ٿو، پر جنهن دل ۾ خوفِ خدا جي دولت موجود هوندي آهي، اهو گنهگار هئڻ جي باوجود بہ هڪ نہ هڪ ڏينهن توبهہ ڪري نيڪِيُن جي رستي تي اچي ويندو آهي.

الٰہی! میں تیری عطا مانگتا ہوں | کرم مغفرت کی دُعا مانگتا ہوں
بچانا بُرے خاتمے سے بچانا | میں ایمان پر خاتمہ مانگتا ہوں (2)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## جيڪڏهن مان بادشاهہ هجان ها تہ...!!

حضرت ابوالجوزاء رَحۡمَةُ اللّٰـهِ عَلَيۡه فرمائيندا هئا: جيڪڏهن مان بادشاهہ ٻڻجي ويس تہ مان رستن تي وڏا وڏا مينار نهرائيندس ۽ انهن جي مٿان هڪ هڪ ماڻهو بيهاري انهن کي چوندس تہ بس هر وقت هينئن پڪاريندا رهو: **اي انسانو! جهنم. اي انسانو! جهنم. اي انسانو! جهنم.** (3)

مطلب تہ حضرت ابوالجوزاء رَحۡمَةُ اللّٰـهِ عَلَيۡه چڱيءَ طرح ڄاڻندا هئا تہ جيڪڏهن ماڻهن جي دل ۾ جهنم جو خوف پيدا ڪري ڇڏجي تہ نہ رڳو هڪ فرد پر سموري قوم سِڌي رستي جي مسافر ٻڻجي سگهي ٿي.

1... سلوة العارفين، باب الخوف من سوء الخاتمة، جلد:2، صفحه:165۔
2... وسائلِ فردوس، صفحه:3،1 ملتقطاً۔
3... مجموع رسائل ابنِ رجب الحنبلی، التخويف من النار، جلد:4، صفحه:103۔

اسان ڪڏهن پنهنجو پاڻ تي ئي غور ڪريون ته ڪيترائي پيرا ائين ٿيو آهي جو ترَ جيترو خوفِ خدا به اسان کي لرزائي ڇڏيندو آهي ۽ اسان گناهن کي ڇڏي نيڪ رستي تي اچي ويندا آهيون. غور ڪريو ۞ ڇا جنازو ڏسي زبان تي ڪلمو شريف جاري نه ٿيندو آهي ۞ جيڪڏهن اوچتو زلزلو اچي وڃي ته ماڻهو گناهن کي ڇڏي ڪلمو پڙهڻ شروع نه ڪندا آهن ۞ حقيقت ۾ نه، پر خواب ۾ به جيڪڏهن قبر ڏسي وٺون، قبر جو ڪو هولناڪ منظر ڏسي وٺون، قيامت جي هولناڪين جي باري ۾ ڪو خواب ئي ڏسي وٺون ته ڪيترن ئي ڏينهن تائين اهو منظر اسان جي اکين اڳيان نه هٽندو آهي، اسان ڪنهن کي اهو خواب ٻڌايون يا نه ٻڌايون، پر اسان جي دل ۾ ڪٿي نه ڪٿي ان خواب جو اثر رهندو آهي ۽ ان ئي اثر جي ڪري گناهن ڏانهن وڌندي اسان جا قدم لرزندا آهن.

ان مان اندازو لڳايو ته جڏهن خوفِ قيامت تي ٻَڌَل هڪ خواب جو ايڏو اثر ٿي رهيو آهي ته پوءِ جيڪڏهن اهو خوفِ خدا مستقل طور تي اسان جي دل ۾ ويهي وڃي ته ان جا ڪيترا نه فائدا ملندا.

## قيامت جي خوف جون فضيلتون

**(1)** رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: قيامت جي ڏينهن سيئي اکيون روئڻ واريون هونديون پر 3 اکيون نه روئنديون، انهن مان هڪ اک اها آهي جيڪا دنيا ۾ الله پاڪ جي خوف کان رُني هوندي.[(1)]

**(2)** حضرت انس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي: هڪ دفعو الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن آيت جي تلاوت فرمائي:

وَّ قُوْدُهَا النَّاسُ وَ الْحِجَارَةُ
(پارو: 28، سورة تحريم: 6)

ترجمو ڪنز العرفان: جنهن جو ٻارڻ انسان ۽ پٿر آهن.

پوءِ ارشاد فرمايائون: جهنم جي باهه هڪ هزار سالن تائين ڀڙڪائي وئي ته اُها ڳاڙهي ٿي وئي، وڌيڪ هڪ هزار سالن تائين ڀڙڪائي وئي ته اها اَڇي ٿي وئي، اجان وڌيڪ هڪ هزار سالن تائين ڀڙڪائي وئي ته اها ڪاري ٿي وئي،

1... كنز العمال، كتاب المواعظ،جلد:15،صفحه:356، حديث: 43350۔

هاٺي بلڪل ڪاري آهي، اها ڪڏهن به نه وِسامَندي. اِهو ٻڌي هڪ حبشي روئڻ لڳو، حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام تشريف کڻي آيا ۽ پڇيائون هي ڪير آهي؟ الله پاڪ جي آخري نبي، محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: حبش جو رهاڪُو آهي ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جي روئڻ کي پسند فرمايو. حضرت جبرائيل امين عَلَيْهِ السَّلَام فرمايو: الله پاڪ فرمائي ٿو: مون کي منهنجي عزت ۽ جلال جو قسم! جيڪو منهنجو ٻانهو دنيا ۾ منهنجي خوف جي سبب روئندو، مان ضرور ان کي جنت ۾ کِلائيندس.[1]

مِرے اَشک بہتے رہیں کاش ہر دَم | تِرے خوف سے یاخُدا یااِلٰہی!

**(3):** رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جڏهن ڪنهن مومن جي دل الله پاڪ جي خوف کان لرزندي آهي ته ان جون خطائون ائين ڇڻَنديون آهن جيئن سُڪل وڻ مان پَنَ ڇڻَندا آهن.

**(4):** سرورِ عالم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: الله پاڪ فرمائي ٿو: مون کي منهنجي عزت ۽ جلال جو قسم! جيڪو دنيا ۾ مون کان ڊڄندو رهيو، مان قيامت جي ڏينهن ان کي امن ۾ رکندس.[2]

میرا نازُک بدن جہنَّم سے | اَز طُفیلِ رضا بچا یارَبّ!
کر دے جنّت میں تُو جَوار اُن کا عطا | اپنے عطاّؔر کو عطا یارَبّ! [3]

الله پاڪ اسان کي خوفِ خدا، خوفِ قيامت ۽ خوفِ جهنم جي دولت نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هفتيوار مدني مذاڪرو

پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪيون ڪرڻ، گناهن کان نفرت جو جذبو حاصل ڪرڻ

1... شعب الايمان،باب فی الخوف من الله ،جلد:1،صفحہ:489،حديث:799۔
2... شعب الايمان،باب فی الخوف من الله ،جلد:1،صفحہ:483-491،حديث:803-777۔
3...وسائلِ بخشش، صفحہ: 80-81۔

۽ خوفِ خدا جي دولت حاصل ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو. **12** ديني ڪمن ۾ عملي طور شرڪت ڪريو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دين ۽ دنيا جون بيشمار ڀلايون نصيب ٿينديون، انهن **12** ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم هفتيوار مدني مذاڪرو بہ آهي.

اميرِ اهل سنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهمِ الْعَالِيَه هن دور جي عظيم علمي ۽ روحاني شخصيت بلڪ وليءِ ڪامل آهن، پاڻ هر ڇنڇر تي نمازِ عشا کان پوءِ مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن. جنهن ۾ سڄي دنيا جا عاشقانِ رسول تفسير، حديث، شريعت، طريقت وغيره جي مختلف موضوعن تي سوال ڪندا آهن ۽ اميرِ اهل سنت انهن جا جواب ارشاد فرمائيندا آهن. هفتيوار مدني مذاڪرو ڇنڇر جي ڏينهن عشاء جي نماز کان پوءِ مدني چينل تي لائيو(*Live*) ڏيکاريو ويندو آهي. **مدني مذاڪرو عَقِيدَن ۽ عملن جي اصلاح جو بهترين ذريعو آهي.** ۞ الحمدلله! هن وقت تائين ڪيترائي غير مسلم مدني مذاڪرو ڏسي ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي چڪا آهن ۞ ڪيترائي بي نمازي نمازي بڻجي چڪا آهن ۞ هزارين دلين جي اصلاح ٿي چڪي آهي.

توهان بہ مدني مذاڪري ۾ شرڪت ڪندا ڪريو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ۞ علمِ دين حاصل ٿيندو ۞ محبتِ الٰهي ملندي ۞ عشقِ رسول ۾ اضافو ٿيندو ۞ گناهن کان نفرت نصيب ٿيندي ۞ نيڪين ڪرڻ جو جذبو ملندو ۽ ۞ اخلاق ۽ ڪردار ۾ بہ بهتري ايندي. سيئي اسلامي ڀائر پابنديءَ سان مدني مذاڪرو ڏسڻ جي نيت ڪري ڇڏيو!

## علم ۽ حڪمت سان ڀرپور مدني مذاڪرو

پنجاب، پاڪستان واهه ڪينٽ (ضلع راولپنڊي) جي هڪ نوجوان جو بيان آهي تہ: نمازون قضا ڪرڻ، فلمون ڏسي شيطان کي خوش ڪرڻ ۽ گانا باجا وغيره ٻڌي مست رهڻ منهنجو معمول هو افسوس! مان سنتن تي عمل ڪرڻ کان محروم هيس، منهنجي گناهن ڀري زندگي ۾ روشني هيئن آئي جو هڪ

ڏينهن هڪ مبلغ دعوتِ اسلامي سان منهنجي ملاقات ٿي وئي، هنن مون کي سمجهائيندي اجتماعي سنت اعتڪاف جو ذهن *(Mindset)* ڏنو، سندن پياري انداز ۾ ڏنل نيڪي جي دعوت منهنجي دل تي اثر *(Effect)* ڪري وئي ۽ مان اجتماعي اعتڪاف ۾ شريڪ ٿي ويس، هاڻي منهنجا ڏينهن ۽ راتيون عبادت ۾ گذرڻ لڳا، پرسوز بيانن ۽ رقت انگيز دعائن منهنجي دل جي دنيا ئي بدلائي ڇڏي، ڪرم مٿان ڪرم اهو ٿيو جو اجتماعي اعتڪاف ۾ اميرِ اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو مدني مذاڪرو ٻڌڻ جي سعادت ملي، سندن پُر اثر ارشادات ڪان مان ايترو تہ متاثر *(Impress)* ٿيس جو فوراً پنهنجي سمورن گناهن ڪان توبهہ ڪئي ۽ نمازن جي پابندي جو ارادو ڪري ڇڏيو، اميرِ اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ترغيب *(Motivation)* ڏيارڻ تي عيد رات گهر وڃڻ بدران مان راهِ خدا جو مسافر بڻجي ويس جتي علمِ دين جي سونهري موتين سان دامن ڀرڻ جو موقعو مليو ۽ سنتن سکڻ سان گڏوگڏ انهن تي عمل ڪرڻ جو جذبو بہ دل ۾ پيدا ٿيو.

مدنی مذاکرہ ہے شریعت کا خزینہ | اَخلاق کا، تہذیب کا، طریقت کا خزینہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## صراط الجنان موبائل ايپلي ڪيشن

دعوتِ اسلامي جي آءِ ٽي ڊپارٽمينٽ طرفان هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي وئي آهي، جنهن جو نالو آهي: **صراط الجنان، القرآن مع تفسير** *(Sirat ul Jinan Al-Quran with Tafseer)*. هن ايپلي ڪيشن ۾ ۞ مڪمل قرآن ڪريم ۞ اعليٰ حضرت، امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو لکيل **ترجمو ڪنزالايمان** ۞ موجوده دور جي تقاضائن موجب قرآن پاڪ جو نهايت آسان ترجمو، **ترجمو ڪنزالعرفان** ۽ ۞ آسان انداز ۾ لکيل، اردو جي سڀ ڪان جديد *(Latest)* تفسير، **تفسير صراط الجنان** شامل آهي. توهان ڪاٿي بہ هجو، هن ايپلي ڪيشن جي مدد سان قرآن ڪريم ترجمي ۽ تفسير سان پڙهي ۽ سمجهي سگهو ٿا ان سان گڏوگڏ قرآني آيتون، ترجمو ۽ تفسير واٽس ايپ

*(WhatsApp)*، فيس بڪ *(Facebook)* وغيره تي شيئر بہ ڪري سگھو ٿا. هن ايپلي ڪيشن کي پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪري، پاڻ بہ علمِ دين سکو ۽ ٻين تائين پهچائي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو ثواب بہ ڪمايو.

## ڪجھ ضروري اعلان

۞ هر ڇنڇر تي اميرِ اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه **مدني چينل** تي **لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو** فرمائيندا آهن. ايندڙ هفتي بہ مدني چينل تي عشاء جي نماز کان پوءِ (تقريباً **8:30** منٽن تي) اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو جنهن ۾ اميرِ اهل سنت مولانا الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سوالن جا جواب بہ عنايت فرمائيندا. سيئي ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ بہ شرڪت فرمايو ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏيو ۞ شيخِ طريقت، امير اهل سنت هر هفتي هڪ **ديني رسالو** پڙهڻ جي ترغيب بہ ارشاد فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ **حضرت بايزيد بسطامي** رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه رسالي جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو! ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا جهڙوڪ واٽس ايپ وغيره استعمال ڪندا آهن، اهي رضاءِ الٰهي ۽ ثواب ڪمائڻ جي لاءِ هي رسالو ٻين سان بہ شيئر *(Share)* ڪريو!
۞ الله پاڪ جا صفاتي نالا نہ رڳو زبان کي ذڪر ۾ مصروف رکندا آهن پر دلين کي نورانيت سان ۽ زندگي کي رحمتن سان بہ ڀري ڇڏيندا آهن. **مڪتبةُ المدينہ** الله پاڪ جي نالن جي فضيلتن تي مشتمل هڪ رسالو **الله پاڪ جا پيارا پيارا نالا (مع فضائل و برڪات)** شايع ڪيو آهي. اسماءِ الٰهي بابت مفيد ترين معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ هي رسالو مڪتبةُ المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان 300 روپين ۾ قيمت ڏئي خريد فرمايو. ۞ دعوتِ اسلامي جا ذميوار، ٽيلي ٿون لاءِ جمع ڪيل يونٽ، مهرباني ڪري فوراً ماليات ڪاتي ۾ جمع ڪرائي رسيد حاصل ڪن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ زندگي

جا ڪجهه آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. تاجدار رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِیْ فَقَدْ اَحَبَّنِیْ وَمَنْ اَحَبَّنِیْ كَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ يعني جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. [1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## قناعت سنتِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي

آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ٻه فرمان: **(1)** جنهن ايمان آندو، کيس بقدرِ ڪفايت رزق ڏنو ويو ۽ هن الله پاڪ جي ڏنل تي قناعت ڪئي، بيشڪ اهو ڪامياب ***(Successful)*** ٿيو. [2] **(2):** اي ابوهريره! قناعت اختيار ڪر، سڀ کان وڌو شڪر گزار بڻجي ويندين. [3]

اي عاشقانِ رسول! قناعت سنتِ مصطفيٰ آهي. قناعت جو مطلب آهي: جيترو مليو ان تي راضي رهڻ، وڌيڪ جي خواهش نه ڪرڻ ۞ اسان جي پياري آقا، مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪي جيڪو ملندو هو خوشي خوشي تناول فرمائيندا هئا ۞ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن به کاڌي ۾ عيب نه ڪڍيو ۞ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن به لذيذ ***(Tasty)*** ۽ پرتڪلف کاڌن جي خواهش نه فرمائي ۞ رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مال ۽ دولت جي خواهش نه رکندا هئا.

کل جہاں مِلک اور جَو کی روٹی غذا | اس شکم کی قناعت پہ لاکھوں سلام (4)

پيارا اسلامي ڀائرو! سنتِ مصطفيٰ تي عمل ڪريو، قناعت اختيار ڪريو

---

1...تاريخ مدينه دمشق، جلد:9، صفحه:343۔
2...مسلم، ڪتاب:الزڪاة، باب:القناعة، صفحه:376، حديث:1054۔
3...ابن ماجه، ڪتاب:الزهد، باب:الورع والتقوىٰ،صفحه:684، حديث:4217ملتقطاً۔
4...حدائق بخشش، صفحه:304۔

۞ قناعت ايمان جو ڪمال ۽ اسلام جو حسن آهي ۞ قناعت ڪرڻ وارو پاڻ کي دنيا کان بچائيندو ۽ آخرت جي راهه تي هلائيندو آهي ۞ قناعت ڪرڻ وارو الله پاڪ جو محبوب آهي ۞ قناعت ڪرڻ واري سان ماڻهو به محبت ڪندا آهن.[1] ۞ امام شافعي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: قناعت مالداريءَ جو بنياد آهي.[2]

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو شايع ٿيل **بهارشريعت** جلد: 3 مان حصو 16 ۽ شيخ طريقت، امير اهل سنت **مولانا الياس قادري** دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جو 91 صفحن تي مشتمل رسالو **550 سنتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪرڻ بہ آهي.

سنتیں سیکھنے تین دِن کے لیے | ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات)

1... نضرة النعيم، جلد:8، صفحہ:3175۔
2...ديوانِ امام شافعي، صفحہ:133۔

هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہصَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمجي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہصَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينهصَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. [2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

## ﴿4﴾ ڇهہ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[4]

1... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا
2... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65
3... القول البديع، الباب الثانی، ص277
4... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرۡضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. (1)

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ اَنۡزِلۡهُ الۡمَقۡعَدَ الۡمُقَرَّبَ عِنۡدَكَ يَوۡمَ الۡقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي: جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. (2)

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهۡلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. (3)

---

1... القول البديع، الباب الاول، ص125
2... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31
3 ... مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

## ﴿2﴾ جڏهن شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (1)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1 ... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455